# باجهري - Millet



## زمين:

باجهري جو فصل هر قسم جي زمين تي ٿئي ٿو. هي فصل سم واري زمين ۾ نٿو ٿئي. هن فصل ۾ ڪلر وارين حالتن جي برداشت جي صلاحيت آهي. جتي باجهري، ڪٽڪ ۽ ڪپهه جي پيٽ ۾ وڌيڪ ايري ٿو.
هي فصل گهٽ زرخيزي زمين تي پوکي سگهجي ٿو. جتي وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ اضافي پاڻ جو مقدار ڏنو وڃي ٿو. جڏهن ته باجهري جي فصل لاءِ وارياسي لٽ واري زمين بهتر آهي. اهڙي زمين ۾ 15 کان 20 گاڏيون وٿاڻ جو پاڻ في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي. باجهري جي پوک لاءِ تمام هوادار ۽ گهٽ زرخيزي وارياسيون زمينون گهرجن. جڏهن ته ڳريون زمينون باجهري لاءِ غير موزون آهن.

## زمين جي تياري:

هن فصل لاءِ ڪنهن خاص قسم واري زمين جي تياري جي ڪابه ضرورت نه آهي. باجهري جي سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ 2 کان 3 هر ڏيئي سانهر ڏنو وڃي. باراني علائقن ۾ چوماسي جي برساتن کان پهريائين زمين جي تياري مڪمل ڪئي وڃي. ائين ڪرڻ سان زمين ۾ پاڻي جي جاذبيت واري صلاحيت وڌي ويندي.

## ٻج جو مقدار:

اناج لاءِ پوکيءَ واري باجهري واسطي 3 کان 4 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته سائي گاهه يا چاري لاءِ ٻج جو مقدار 10 کان 20 ڪلوگرام في ايڪڙ سفارش ڪيو وڃي ٿو.

## جنسون:

سنڌ ۾ باجهري جون ٻه جسنون جهڙوڪ C-48 ۽ C-18 عام پوکيون وجن ٿيون. جڏهن ته باجهري جي نئين جنسن ۾ 84-18، 84-4 ۽ IC-8206 پوکيءَ هيٺ آهن.

## پوکيءَ جو وقت:

اناج لاءِ باجهري جي پوکڻ جو وقت جون ۽ جولاءِ کان 15 آگسٽ تائين موزون آهي. جڏهن ته سائي گاهه لاءِ پوکيل باجهري واسطي بهتر وقت اپريل آهي. هي فصل گاهه لاءِ آگسٽ تائين پوکي سگهجي ٿو.

## پوکيءَ جو طريقو:

باجهري جي پوکي ناڙي ذريعي وڌيڪ بهتر آهي. پر فصل جي پوک ڇٽ ۽ ناڙي ذريعي ڪئي وڃي. ناڙي ذريعي پوکيل باجهري لاءِ قطارن ۽ ٻوٽن وارو مفاصلو ”9 x “12 سفارش ڪجي ٿو.

## پاڻ:

هن فصل لاءِ پاڻ وڏي پيماني تي استعمال نٿو ٿئي. ۽ عام حالتن ۾ ٻاجهري جو فصل وٽاڻ جي پاڻ ۽ ڪيميائي پاڻ کان سواءِ پوکيو وڃي ٿو. پر وڌيڪ اهم فصل لاءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ پوکيءَ وقت ڏيڻ گهرجي.

## آبپاشي:

ٻاجهري مختصر موسم يا گهٽ وقفي وارو فصل آهي. جنهن جي پچڻ لاءِ ٻه کان اڍائي مهينن جو وقت گهرجي. هن فصل لاءِ گهٽ مقدار ۾ پاڻي گهرجي. ٻاجهري لاءِ 2 کان 3 پاڻي گهرجن. پهريون پاڻي پوکيءَ کان 30 ڏينهن جي اندر ڏجي ۽ باقي آبپاشي جو پاڻي 15 ڏينهن جي وقفي تي ڏيڻ گهرجي.

## لابارو:

ٻاجهري جو فصل چڻُ واري موسم يعني سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي مهينن ۾ پچي ٿو ۽ لاباري لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.

## پيداوار:

باراني علائقن ۾ اناج لاءِ پوکيل ٻاجهري جي پيداوار 5 مڻ في ايڪڙ آهي. ۽ آبپاشي وارن علائقن ۾ 10 کان 12 مڻ في ايڪڙ پيداوار ملي ٿي. جڏهن ته سائي گاهه جي پيداوار 300 کان 400 مڻ في ايڪڙ آبپاشي وارن علائقن اندر ورتي وڃي ٿي. ۽ باراني علائقن ۾ ٻاجهري جي سائي گاهه جي پيداوار 200 مڻ تائين آهي.